SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 2001

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2001

سنڌ سول ملازمن (مقررين بابت موزونيت جي تشخيص) آرڊيننس، 2001

THE SINDH CIVIL SERVANTS (ASSESSMENT OF SUITABILITY OF APPOINTMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪميشن ڏانهن ريفرنس
Reference to commission

4. ملازمت تان برطرفي
Termination of service

5. سينيارٽي
Seniority

6. دائره اختيار تي پابندي ۽ مقدمن کان منع
Bar of Jurisdiction and abatement of suits

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2001
SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2001
سنڌ سول ملازمن (مقررين بابت موزونيت جي تشخيص) آرڊيننس، 2001
THE SINDH CIVIL SERVANTS (ASSESSMENT OF SUITABILITY OF APPOINTMENT) ORDINANCE, 2001

[20 جنوري 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪميشن کي رجوع ڪرڻ کانسواءِ مخصوص عهدن تي مقرر ڪيل ماڻهن جي مقرريءَ جي موزونيت جي تشخيص ڪرڻ ۽ بدليءَ ذريعي مقرر ڪيل ماڻهن، جيڪي ٻي صورت ۾ قاعدن ۽ بدلي لاءِ اهل نہ هيا انهن جي مقرري جي تشخيص ڪرڻ جي گنجائش ڪڍي ويندي.

جيئن تہ ڪميشن سان رابطو ڪرڻ کانسواءِ مخصوص عهدن تي مقرر ڪيل ماڻهن جي مقرريءَ جي موزونيت جي تشخيص ۽ بدلي ذريعي مقرر ڪيل ماڻهن، جيڪي ٻي صورت ۾ قاعدن ۽ بدلي لاءِ اهل نہ هيا انهن جي مقرري جي تشخيص عوامي مفاد ۾ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي:

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل

ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) **هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازمن جي (مقرري بابت موزونيت جي تشخيص) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.**

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. **هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:**

(a) **"ڪميشن" مطلب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن؛**

(b) **"قاعدا" مطلب سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان سول سروس (ايگزيڪيوٽو برانچ) رولز 1964؛**

(c) **"ملازمت" مطلب ملازمت جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛**

(d) **"مخصوص آسامي" مطلب:**

(i) **بي پي ايس 16 يا ان کان مٿي ڪا آسامي جيئن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن فنڪشنز رولز جي رول 5 ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ ڪميشن سان رابطو ڪرڻ کانسواءِ پري وئي هجي؛ يا**

(ii) **ملازمت ۾ اها آسامي جيڪا بدليءَ ذريعي پري وئي هجي، پر (c)(5)5 رولس مطابق اهي مقرر ڪيل ماڻهو اهڙين آسامين تي ڪم نه ٿي ڪري سگهيا.**

ڪميشن ڏانهن ريفرنس

3. **ڪو شخص جيڪو 1985 کان 1997 تائين مخصوص عهدي تي ۽ ڪنهن به حيثيت ۾ مقرر ڪيو ويو آهي ۽ هن**

آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان جيستائين ڪجھ قانون، قاعدن يا ڪنھن ٻڪري، حڪم يا عدالتي فيصلي جي متضاد نہ آھي، ان کي ڪميشن آڏو پيش ٿيڻو پوندو تہ جيئن مخصوص عھدي تي مقرري بابت موزونيت لاءِ لکت ۾ ٽيسٽ ڏئي يا انٽرويو ڏئي لاڳاپيل ماڻھو ھدايتن تي عمل ڪندو.	Reference to commission
4.جتي ڪو لاڳاپيل ماڻھو دفعہ 3 تحت جاري ڪيل ھدايتن تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا مخصوص سيٽ لاءِ اھو موزون ثابت نہ ٿو ٿئي تہ اھڙي ماڻھو جي ملازمت فوري طور تي جنھن وقت کان اھو ھدايتن تي عمل نہ ٿو ڪري ڪميشن طرفان نتيجن جو اعلان ڪرڻ واري تاريخ کان ختم ڪئي ويندي، يا جيئن معاملو ھجي.	ملازمت تان برطرفي Termination of service
5.جتي لاڳاپيل ماڻھو مخصوص عھدي تي ڪميشن طرفان موزون قرار ڏنو وڃي ٿو اھو ملازمت جاري رکندو ۽ ھن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ کيس سموري سينيارٽي سونپي ويندي.	سينيارٽي Seniority
6.ڪنھن بہ عدالت کي ھن آرڊيننس تحت جاري ڪيل ھدايتن يا ڪيل ڪنھن ڪم يا ڪجھ ڪرڻ جي ارادي تي ڪا ڪارروائي ڪرڻ، کو فيصلو ٻڌائڻ يا ان سان لاڳاپيل کو حڪم جاري ڪرڻ جو دائرو اختيار نہ ھوندو ۽ ھن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ تي ان سلسلي ۾ التوءِ ۾ پيل سمورا مقدما، اپيلون ۽ درخواستون خارج ٿي ويندیون.	دائره اختيار تي پابندي ۽ مقدمن کان منع Bar of Jurisdiction and abatement of suits

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آھي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي